# اجتماعي اعتڪاف جون 17 مدني بهارون

سنڌي

شڪاري پاڻ شڪار ٿي ويو!

غير اسلامي نظرين کان توبهه

سڄو خاندان مسلمان ٿي ويو

هي اعتڪاف ڇا ڏيندو آهي!




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برڪاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت


رسالي جو نالو: اجتماعي اعتڪاف جون 17 مدني بهارون

ڇاپو پهريون: رجب المرجب 1444هـ فيبروري 2023ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامہ

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي ڪتاب ”فيضان رمضان“ مان ڪنيل مضمون

# اجتماعي اعتڪاف جون 17 مدني بهارون

## ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

اجتماعي اعتڪاف جون 17 مدني بهارون ........................ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ................................ 1
(1) شڪاري پاڻ شڪار ٿي ويو! ................................ 1
(2) مون ڪيترائي ڀيرا خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي .... 3
(3) مون عيد کان علاوه ڪڏهن نماز ئي نہ پڙهي هئي! .......... 5
(4) اعتڪاف جي برڪت سان سڄو خاندان مسلمان ٿي ويو ................ 6
(5) آءٌ پڪو دنيا دار هئس ................................ 6
(6) مون کي بہ پاڻ جهڙو بڻائي ڇڏيو ............................ 8
(7) منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا! ................................ 9
(8) عاشقانِ رسول جي شفقتن لڄ رکي ........................ 10
(9) غيراسلامي نظريات رکڻ وارن جي توبهہ .................... 11
(10) هاڻي سِڀ تہ لهي سگهي ٿي پر...... ........................ 12
(11) مرگهيءَ جو مرض ختم ٿي ويو ........................... 13
(12) مان ڏاڙهي ڪوڙيل هيس ................................ 14
(13) مون ۾ فلمي گانا جهونگارڻ جي عادت هئي ..................... 15
(14) ماڊرن نوجوان ترقي ڪندي ڪندي... ........................ 16
(15) مون نشو ڪرڻ ڪيئن ڇڏيو! ............................... 16
(16) هي اعتڪاف چا تيندو آهي! ............................... 17
(17) مان چورين بہ ڪندو هيس ................................ 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اجتماعي اعتڪاف جون 17 مدني بهارون[1]

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمان آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن مون تي سو ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي نفاق ۽ جهنم جي باهه کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.

(معجم اوسط، 252/5، حديث:7235)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (1) شڪاري پاڻ شڪار ٿي ويو!

جيڪب آباد (سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته مون جنهن گهراڻي ۾ اک کولي ان گهراڻي ۾ جهالت وارو ماحول هيو، مَعاذالله صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَانُ کي ٻُرو ڀلو چوڻ ثواب جو ڪم سمجهيو ويندو هو. مان به ان ضلالت ۽ گمراهي ۾ پوري طرح قاتل هيس پر قدرت کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هو، ٿيو ڪجهه ايئن ته عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوت اسلامي** جي مدني مرڪز فيضانِ مدينه (جيڪب آباد) ۾ رمضان المبارڪ (سن 1426ھ،

[1] اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جي ڪتاب "فيضانِ رمضان" مان ڪنيل مضمون

2005ع) جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتڪاف** جو اهتمام ڪيو ويو هو، اسان جي پاڙي جا ڪجهه ڇوڪرا بہ انهيءَ فيضان مدينہ ۾ معتڪف هئا. انهن کي تنگ ڪرڻ جي اِرادي سان مان مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** هليو ويس. اتي سٽون سيڪارڻ جا حلقا لڳل هئا، مان انتظار ڪرڻ لڳس تہ موقعو ملي تہ شرارت شروع ڪيان تہ ايتري ۾ هڪ **عاشقِ رسول** مون کي نهايت پياري ۽ دلنشين انداز ۾ حلقي ۾ ويهڻ جي لاءِ چيو، سندس نرمي ۽ عاجزي جي سبب مان انڪار نہ ڪري سگهيس ۽ حلقي ۾ ويهي رهيس ۽ مبلغ جو بيان ڏيان سان ٻُڌڻ لڳس، ان جي بيان ۾ عجيب ڪشش هئي مان آهستي آهستي بيان جي **مدني گلن** جي سِحر ۾ گرفتار ٿيندو ويس، عاشقانِ رسول مونکي باقي ڏينهن جي **اعتڪاف** جي دعوت ڏني، مون هائوڪار ڪري ڇڏي ۽ مان **اعتڪاف** جون بهارون ماڻڻ ۾ شامل ٿي ويس "**شڪار ڪرڻ آيو هيس پاڻ ئي شڪار ٿي ڪري رهجي ويس**" منهنجي لاءِ **اعتڪاف** ۾ سڀ ڪجهه نئون هو. **اعتڪاف** جي دؤران مون کي معلوم ٿيو تہ مان تہ پٽڪيل هيس. اَلْحَمْدُلِلّٰه! مون باطل عقيدن کان توبهہ ڪئي، ڪلمهءِ طيبه پڙهيو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي سفينهءِ **اهلسنّت** ۾ سوار ٿي ڪري مديني ڏانهن روانو ٿي ويس. مون چهري کي مدني نشاني يعني ڏاڙهي مبارڪ سان ۽ مٿي کي سبز عمامي شريف سان سرسبز ۽ شاداب ڪري ڇڏيوآهي. 63 **ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس** ڪري **دعوتِ اسلامي** جي تنظيمي ترڪيب جي مطابق حلقہ ذميداري تي فائز آهيان. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هاڻي پنهنجي اصلاح ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻين ماڻهن جي اصلاح جي بہ ڪوشش ڪري رهيو آهيان. الله پاڪ مونکي ديني ماحول ۾ استقامت عطا فرمائي ۽ پٽڪيلن کي حق ۽ صداقت جي

راهه ڏيکاري.

اٰمِين بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

خَتم ہو گی شرارت کی عادت چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
دُور ہو گی گناہوں کی شامت چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) مون ڪيترائي ڀيرا خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي

تعلقو شجاع آباد ضلع ملتان (هاڻوڪي مقيم ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، ”مان والدين جو معاذالله انتهائي درجي جو گستاخ هئس. **ڪرڪيٽ** ۽ سِنوڪر **ڪيڏڻ** ۾ ڏينهن برباد ڪندو هئس ۽ رات وڊيو سينٽر جي زينت بڻجندو هئس. مون ماهِ رمضان المبارڪ ۾ **ماءُ ڀيءُ** سان ڏاڍو جهيڙو ڪيو ايتري تائين جو گهر ۾ ڀڃ ڊاهه ڪئي. پنهنجي گناهن ڀري زندگي مان پاڻ به بيزار هئس، غضب جو جذباتي هئس، انهيءَ ڪري مَعاذالله ڪيئي ڀيرا خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ناڪامي ٿي. الله پاڪ جي ڪرم سان مون گنهگار کي **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ **اعتڪاف** جو شوق پيدا ٿيو، پنهنجي گهر جي ويجهو واري مسجد ۾ ئي اعتڪاف جو ارادو هو ته **هڪ اسلامي ڀاءُ** سان ملاقات ٿي وئي. سندس انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ معتڪف ٿي ويس. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اجتماعي اعتڪاف جي برڪتن جي چا

ڳالهه ڪجي! مان گنهگار ڪلين شيَو ۽ پينٽ شرٽ پائيندو هئس پر تربيتي حلقن، سنّتن ڀري بيانن ۽ عاشقانِ رسول جي صحبتن اهو مدني رنگ چاڙهيو جو هتوهت ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪيم، **عمامي شريف** جو تاج مٿي تي سجايم ۽ عيد رات تي خوب روئي روئي گناهن کان توبهه ڪرڻ ڪانپوءِ گهر وڃڻ بدران هتوهت سنّتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر تي روانو ٿي ويس. مون عيد جا ٽئي ڏينهن عاشقانِ رسول سان گڏ گذاريا. خدا جو قسم! اها منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان ڀهرين عيد هئي جيڪا تمام سٺي گذري. واپسيءَ تي گهر اچي ڪري امڙ جي قدمن سان چنبڙي ويس ۽ ايتريقدر رُنس جو سڏڪن ۾ پئجي ويس ۽ آءُ بيهوش ٿي ويس. تقريبًا اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ جڏهن هوش آيو ته سمورا گهروارا منهنجي چوڌاري بيٺا هئا ۽ حيرت مان هڪ ٻئي جو منهن ڏسي رهيا هئا ته هن کي ڇا ٿي ويو آهي! اَلحَمدُلِلّٰه! گهر ۾ تمام سٺي ترڪيب ٺهجي ويئي. هاڻي تنظيمي طور تي علائقائي مشاورت جو نگران آهيان. اَلحَمدُلِلّٰه! هي لفظ لکڻ وقت عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ تربيتي ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ وڌيڪ 126 ڏينهن جي"**امامت ڪورس**"جو سلسلو جاري آهي، دعاءِ استقامت جي گذارش آهي.

بگڑے اَخلاق سارے سنور جائیں گے　　دينی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
بس مزا کیا مزے کو مزے آئیں گے　　دينی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائل بخشش ص640، 641)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) مون عيد کان علاوه ڪڏهن نماز ئي نه پڙهي هئي!

مياوالي ڪالوني منگهو پير روڊ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي. مون جهڙا گنهگار انسان گهٽ ئي هوندا. مون ڪيئي” گرل فرينڊز“ ٺاهيون هيون. گندي ذهنيت جو عالَم هيءُ هو جو روزانو ئي اگهاڙيون فلمون ڏسڻ جو معمول هو، توهان مڃو يا نه مڃو مون زندگيءَ ۾ عيد کان علاوه ڪڏهن نماز ئي نه پڙهي هئي ۽ مون کي بلڪل معلوم ئي نه هو ته نماز ڪيئن پڙهبي آهي!! منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ مونکي عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي جو **اجتماعي اعتڪاف** نصيب ٿي ويو، فيضانِ مدينه جي ديني ماحول جي به ڇا ڳالهه ڪجي! منهنجون اکيون کلي ويون، غفلت جو پردو ڪڄي ويو ۽ منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. اَلحَمدُلِلّٰه! مون نماز سکي ورتي ۽ پنج ئي وقت باجماعت نماز جو پابند ٿي ويس. مون ٻن مسجدن ۾ **فيضانِ سنت** جو درس شروع ڪيو. اَلحَمدُلِلّٰه! اسلامي ڀائرن مون کي هڪ مسجد جي مُشاورت جو ذيلي نگران بڻائي ڇڏيو ۽ تحديثِ نعمت جي لاءِ عرض ڪريان ٿو ته **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول جي برڪت سان مون بدڪار انسان تي اهڙو ڪرم ٿي ويو جو **سرڪارِ نامدار**، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خواب ۾ ديدار ٿي ويو.

جسے چاہا جلوہ دکھا دیا، اُسے جامِ عشق پلا دیا　　جسے چاہا نیک بنا دیا، یہ مرے حبیب کی بات ہے
جسے چاہا اپنا بنا لیا جسے چاہا در پہ بلا لیا　　یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے یہ بڑے نصیب کی بات ہے

صَلُّوا عَلَی الحَبِيب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4) اعتڪاف جي برڪت سان سڄو خاندان مسلمان ٿي ويو

**هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ ڪَليان** (مهاراسٽر، الهند) جي ميمڻ مسجد ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان (1426هـ،2005ء) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **هڪ نئين مسلمان** (جيڪو ڪجھ عرصو اڳ هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جي هٿان مسلمان ٿيو هو) اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي. سنّتن ڀريئي بيانن، ڪيسيٽ اجتماعن ۽ سنّتن ڀريئي حلقن ان تي خوب مدني رنگ چاڙهيو. اعتڪاف جي برڪت سان دين جي تبليغ جي عظيم جذبي جو روشن ڏيئو سندن هٿن ۾ اچي ويو. جيئن تہ سندن گھر جا ٻيا ڀاتي اڃان تائين ڪفر جي اونداهي وادين ۾ ڀٽڪي رهيا هئا ان لاءِ اعتڪاف کان فارغ ٿيندي ئي ان پنهنجي گھر وارن تي ڪوشش شروع ڪري ڏني، دعوتِ اسلامي جي مبلغين کي پنهنجي گھر ۾ گُھرائي ڪري **دعوتِ اسلام** پيش ڪرائي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! **والدين، ڀن ڀيڻن ۽ هڪ ڀاءُ تي مشتمل سمورو خاندان مسلمان ٿي ڪري سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه ۾ داخل ٿي ڪري حضور غوثِ پاڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **جو مُريد ٿي ويو.**

ولولہ دیں کی تبلیغ کا پاؤ گے | ماحول میں کر لو تم اِعتکاف دینی
فضلِ ربّ سے زمانے پہ چھا جاؤ گے | دینی ماحول میں کر لو تم اِعتکاف

(وسائل بخشش، ص 641)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (5) آءُ پڪو دنيا دار هئس

**سکر شهر** (سنڌ، پاڪستان) **جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح**

بيان آهي مان پڪو دنيا دار هيس ۽ مون تي هر وقت دنيا جي دولت ڪمائڻ جي ڌُن سوار رهندي هئي، عملي دنيا کان تمام پري گناهن جي اونداهي وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هيس. اَلحَمدُلِلّٰه! ڪجهه **عاشقانِ رسول** جي مون تي شفقت ڀري نظر پئجي وئي، اهي **رمضان المبارڪ** ۾ هرهر مون وٽ ايندا هئا ۽ مون کي **اجتماعي اعتڪاف جي دعوت** ڏيندا هئا، پر آءٌ ٽاري ڇڏيندو هيس. اهي تمام تجربيڪار هئا، جڻ تہ مايوس ٿيڻ ڄاڻيندا ئي نہ هئا. انهن مون کي منهنجي حال تي ڇڏڻ پسند نہ ڪيو مونکي نيڪيءَ جي دعوت ڏئي ڪري پنهنجو ثواب حاصل ڪندا رهيا! سندن مسلسل انفرادي ڪوشش آخرڪار رنگ لاتو ۽ مون جهڙي پڪي دنيا دار جي دل بہ نرم ٿي ئي وئي ۽ مان رمضان المبارڪ (شايد 1410هه، 1990ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ انهن سان گڏ معتڪف ٿي ويس. مون دنيا دار کي ڪهڙي خبر هئي عاشقن جي دنيا ئي ڪا ٻي هوندي آهي!واقعي عاشقانِ رسول جي صحبت مون تي رنگ چاڙهي ڇڏيو، اَلحَمدُلِلّٰه! آءُ نمازي بڻجي ويس، مون ڏاڙهي رکي ڇڏي ۽ **عمامي شريف** جو تاج سجائي ورتو. تحديثِ نعمت جي لاءِ هڪ ڳالهہ عرض ڪيان ٿو، مونکي اتي هي مسئلو بہ سکڻ لاءِ مليو تہ قبلي ڏانهن منهن يا پُٺي ڪري پيشاب وغيره ڪرڻ حرام آهي. اتفاق سان اعتڪاف واري مسجد جي استنجا خانن جو رخ غلط هو مون **رضاءِ الٰهي** خاطر هٿوهٿ ڪاريگرن کي گهرائي ڪري پنهنجي کيسي مان اخراجات پيش ڪري استنجا خانن جا رخ صحيح ڪرايا.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اعتڪاف ڪان پوءِ هاڻي تائين ڪيترائي پيرا **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سنّتن ڀريئي سفر جون سعادتون ملي چُڪيون آهن.

حبِّ دنیا سے دل پاک ہو جائے گا　　دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
جامِ عشقِ محمد بھی ہاتھ آئے گا　　مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
(وسائل بخشش ص641)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (6) مون کي ٻه پاڻ جهڙو ٻڌائي ڇڏيو

**راولپنڊي**(پنجاب، پاڪستان) جي هڪ **اسلامي ڀاءُ** جي بيان جو خلاصو آهي. مان ان وقت ڏهين ڪلاس جو شاگرد هيس، پنهنجي پاڙي جي بلال مسجد ۾ رمضان المبارڪ (سن 1421هه - 2000ء) جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو. اتي **اسان** 14، 15 ماڻهو معتڪف هئاسين شايد 28 رمضان المبارڪ جو ڏيهاڙيءَ جي نمازڪانپوءِ منهنجي نظر هڪ **ڪلاس فيلو** (جيڪو ويچارو شرافت جي سبب اسان جي شرارت جو نشانو بڻجندو هو) آيو ان پنهنجي مٿي تي سبز **عمامو شريف** سجايو هو. سلام دعا کانپوءِ ان اسان تي انفرادي ڪوشش ڪندي پُڇيو، توهان مان ڪير مهرباني ڪري عيد جي نماز جو طريقو ٻڌائي، اسان سڀ هڪٻئي جو منهن ڏسڻ لڳاسين، تنهن تي ان چيو، چڱو ڀلا جنازي جي نماز جو طريقو ئي ٻڌايو. افسوس! اسان مان ڪوبه نه ٻڌائي سگهيو. پوءِ انهن اسان کي نماز جي مَشق (Practical) ڪرائي. ان سان اسان جون تمام گهڻيون غلطيون سامهون آيون. ان کانپوءِ نهايت ئي اَحسن انداز ۾ ان اسان کي **عيد جي نماز** ۽ **جنازي جي نماز** جو طريقو سيکاريو. اسان جي دل ڏاڍي خوش ٿي. سچ پُڇو ته

اسان جي لاءِ اعتڪاف جو ڦل اهو ئي هو ته اسان کي **مبلغ دعوتِ اسلامي** جي برڪت سان مختلف نمازن جا اهم احڪام سکڻ لاءِ مليا. عيد جي نماز ۾ مونکي مسجد جي ڇت تي جڳهه ملي، جڏهن امام صاحب ٻي تڪبير چئي ته مون ڪان علاوه تقريبًا سيئي رڪوع ۾ هليا ويا! جڏهن ته اهو رڪوع جو موقعو نه هو بلڪ ان ۾ هٿ ڪنن تائين آڻي هيٺ ڪرڻا هئا. خير نه ته مان به عوام سان گڏ رڪوع ۾ ئي هجان ها پر قربان وڃان مبلغ **دعوتِ اسلامي** تان جو ان اعتڪاف ۾ **عيد جي نماز** جو طريقو سيکاري ڇڏيو هو. ان موقعي تي منهنجي دل تي اثر ٿيو ۽ **دعوتِ اسلاميءَ** جي اهميت مون تي خوب واضح ٿي وئي مون ان مبلغ کي عيد جي ملاقات تي عرض ڪيو مونکي به پاڻ جهڙو ٻڻائي ڇڏيو. ان نهايت ئي محبت سان منهنجي حوصله افزائي ڪئي. سندن **انفرادي ڪوشش** سان آخرڪار مان عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي ديني ماحول ۾ اچي ويس. هيءُ بيان ڏيڻ وقت مان **دعوتِ اسلامي** جي ديني ڪمن جي لحاظ کان تنظيمي طور تي شعبهءِ تعليم جو علائقائي ذميدار آهيان.

هاں جنازہ و عید، اس کو سیکھیں مزید، آئیں مسجد چلیں کیجئے اعتکاف

قلب میں انقلاب، آئے گا آنجناب، آپ ہمّت کریں کیجئے اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (7) منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا!

**جِناح آباد** (ڪراچي، سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاء جي تحرير جو خلاصو آهي، مون **رمضان المبارڪ** (غالبًا سن 1425هه، 2004ء) جي آخري ڏهاڪي ۾

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ **اجتماعي اعتڪاف** جون برڪتون ماڻڻ جي سعادت حاصل ڪئي، منهنجي اندر تمام گهڻيون بُرايون هيون جن کان مون توبهه ڪئي ۽ ڪافي حد تائين بُراين ۾ گهٽتائي آئي. مون کي سنّت جي مطابق کائڻ جو ڍنگ به نه ايندو هو، اعتڪاف ۾ ٻين سنّتن کان علاوه کائڻ پيئڻ جون سنّتون به سيکاريون ويون. بالخصوص هڪ مبلغ کي سادگي سان سنّت جي مطابق کاڌو کائيندي ڏسي ڪري **منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا**! مون به سنت جي مطابق کاڌو کائڻ جي عادات اپنائي ورتي. ايئن مان **دعوتِ اسلاميءَ** جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس.

سُنّتیں کھانا کھانے کی تم جان لو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مان لو بات اب تو مِری مان لو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (8) عاشقانِ رسول جي شفقتن لڄ رکي

**اِندوَر شهر** (M.P هند) جو هڪ فيشن ايبل نوجوان آواره ۽ ماڊرن دوستن جي صحبت ۾ رهي ڪري گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هو. **رمضان المبارڪ** (سن 1425هه، 2004ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهي رهيو. **عاشقانِ رسول** جي **شفقتن لڄ رکي**، گناهن کان توبهه جي سعادت ملي وئي، چهري تي **ڏاڙهي** جڳ مڳ ڪرڻ ۽ مٿي تي **عمامي شريف** جون بهارون مُرڪڻ لڳيون. ڪين سنّتن جي خدمت جو خوب جذبو مليو ايتري تائين جو مبلغ بڻجي ويو. هي لکڻ وقت علاقائي مشاورت

جي نگران جي حيثيت سان سنّتن جون برڪتون حاصل ڪري ۽ ورهائي رهيو آهي.

لینے خیرات تم رحمتوں کی چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
لوٹنے برکتیں سنّتوں کی چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (9) غيراسلامي نظريات رکڻ وارن جي توبهه

هونئن تہ سکر جي قريبي شهر جيڪب آباد ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جو ديني پيغام پهچي چُڪو هو، پر ديني ڪم تمام گهٽ ٿي رهيو هو، جيڪب آباد جا اسلامي ڀائر تنظيمي طور تي بيحد ڪمزور هئا. سکر مان مبلغين جو مطالبو ڪندا رهندا هئا، ان مطالبي جي پيشِ نظر **رمضان المبارڪ** (1410هه، 1990ع) ۾ جيڪب آباد ۾ خوب **انفرادي ڪوشش** ڪندي اسان اتان جي اسلامي ڀائرن کي **اجتماعي اعتڪاف** جي لاءِ سکر اچڻ جي دعوت ڏني، جنهن جي برڪت سان جيڪب آباد جي ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن **مُنوَّر مسجد اسٽيشن روڊ سکر** ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي. ان کان اڳ جيڪب آباد جي ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي **فيضانِ سنت جو درس** بہ نہ ايندو هو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ان اجتماعي اعتڪاف ۾ **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان 17 اسلامي ڀائر معلم ۽ مبلغ بڻيا، چهرن کي ڏاڙهي شريف سان ۽ مٿن کي **سبز عمامي شريف** سان سجاايائون. **دعوتِ اسلامي** جي ديني ڪمن جا ذميدار بڻجي ويا. ڪجهه اهڙا ماڻهو بہ ڪنهن طرح سان ڇڪجي آيا جيڪي غيرمسلمن جي ڪجهه غيراسلامي نظرين کي

درست سمجهندا هئا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! انهن پنهنجي ڪفريه نظريات کان پڪي توبهه ڪئي، ڪلمو شريف پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويا ۽ بقايا زندگي عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، دعوتِ اسلاميءَ جي **ديني ماحول** ۾ گذارڻ جي نيّت ڪيائون. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ان وقت ان شهر جا اسلامي ڀائر جيڪي رمضان المبارڪ (سن 1410ھ) ۾ اجتماعي اعتڪاف جي برڪتن سان مالا مال ٿيا هئا اهي ۽ لاديني‌ت کان توبهه ڪرڻ وارا هاڻي بهترين **مبلغ** بڻجي چُڪا آهن ايتري تائين جو وڏن وڏن **اجتماعن** بلڪ بين **الاقوامي اجتماع** ۾ بہ سنّتن ڀريا بيانات ڪندا آهن ۽ مختلف صوبائي مجالس جا اهم ذميدار بڻجي ڪري پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اللّٰه پاڪ اسان ڪي ۽ انهن ڪي **دعوتِ اسلاميءَ** جي ديني ماحول ۾ استقامت عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارے اسلامی بھائی چلے آؤ تم — دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
خالی دامن مرادوں سے بھر جاؤ تم — دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
(وسائل بخشش ،ص641)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (10) هاڻي سِڀي تہ لهي سگهي ٿي پر------

ڪورنگي نمبر 6 ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مون **انفرادي ڪوشش** ڪري پنهنجي ٻي نمازي ۽ ڪلين شيو 26 سالن جي ننڍي ڀاءُ ڪي عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ رمضان المبارڪ (سن 1421ھ، 2000ع) جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي**

**اعتڪاف** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ ويهاريو. بي نمازي ۽ سنّتن کان بلڪل پري رهڻ واري منهنجي ڀاءُ تي اعتڪاف ۾ **عاشقانِ رسول** جي صحبتِ بابرڪت سان اهڙو مدني رنگ چڙهيو جو اَلْحَمْدُلِلّٰه! هُو پنج وقتن جو نمازي بڻجي ويو ۽ **ڏاڙهي مبارڪ** سجايائين، ايتري تائين جو سندس مدني ذهن بڻجي ويو جو **هاڻي سِسي ته ڪٽجي سگهي** ٿي پر ڏاڙهي نہ ٿي ڪٽجي سگهي.

مِیٹھے آقا کی اُلفت کا جذبہ ملے ‏ دِینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
داڑھی رکھنے کی سنّت کا جذبہ ملے ‏ دِینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
(وسائل بخشش ص641)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! ‏ صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (11) مرگهيءَ جو مرض ختم ٿي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي تہ بمبئي جي تحصيل ڪُرلا (هند) ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان رمضان المبارڪ (سن 1426) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ هڪ اهڙو اسلامي ڀاءُ معتڪف ٿيو جنهن کي هر ٻئي ڏينهن مرگهيءَ جو دؤرو پوندو هو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! اعتڪاف جي دؤران ڪين هڪ ڀيرو بہ دؤرو نہ پيو بلڪ اَلْحَمْدُلِلّٰه! تادمِ تحرير اڄ تائين وري ڪين مرگهيءَ جي تڪليف ناهي ٿي.

اِن شاءَ اللہ ہر کام ہوگا بھلا ‏ دِینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
دور ہوگی بفضلِ خدا ہر بلا ‏ دِینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
(وسائل بخشش، ص641، 642)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! ‏ صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اعتڪاف** ڪرڻ جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه! آفتون ۽ مصيبتون دور ٿي وينديون آهن، اَلْحَمْدُلِلّٰه! مرگهيءَ جو مرض نيڪ ٿي ويو جو ان کي مسجد ۾ دورو ئي نه پيو يقيناً اهو ان تي الله پاڪ جو خاص ڪرم ٿي ويو. تنهن هوندي به هي مسئلو ذهن ۾ رکو ته **مرگهيءَ** وغيره جو اهڙو مريض جيڪو بيهوش ٿي ويندو آهي ان کي مسجد ۾ اعتڪاف نه ڪرڻ گهرجي ڇوته ڪنهن به وقت دورو پئجي سگهي ٿو، مثال طور نماز جي دؤران ئي دورو پئجي وڃي ته ٻين جي لاءِ سخت آزمائش هوندي آهي. خاص طور **جنّات جي ورتل** کي به اعتڪاف نه ڪرايو وڃي جو ان جي وقت به وقت ٽپا ڏيڻ ۽ گوڙ ڪرڻ سبب نمازين وغيره کي تڪليف ٿيندي آهي.

## (12) مان ڏاڙهي ڪوڙيل هيس

**نصير آباد** (سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته مان **ڏاڙهي ڪوڙيل** هيس، زندگي جا ڏينهن غفلتن ۾ گذري رهيا هئا، اسلامي ڀائرن جي ترغيب ڏيارڻ ۽ خوب **انفرادي ڪوشش** ڪرڻ تي مون رمضان المبارڪ (سن 1425ھ. 2004ع) ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي ديني ماحول ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! **اعتڪاف** ۾ منهنجي دل تي اثر ٿيو، شرمسار ٿي ڪري ڏاڍو رُنس ۽ آئينده هميشه هميشه جي لاءِ گناهن کان بچڻ جو پڪو ارادو ڪيو، **عمامي شريف جو تاج** مٿي تي سجايو، **ڏاڙهي مبارڪ** سجائي ڪري پنهنجي چهري تي مدني رنگ چاڙهيو ۽ هي بيان ڏيڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰه!

**دعوتِ اسلاميءَ** جي تنظيمي ڊويزن نصيرآباد جي هڪ تحصيل جو خادمِ مشاورت (نگران) آهيان.

سیکھنے کو ملیں گی تمہیں سنّتیں دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
لوٹ لو آ کر اللہ کی رحمتیں دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائل بخشش ص642)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (13) مون ۾ فلمي گانا جهونگارڻ جي عادت هئي

**ڊرگ روڊ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر تقريباً 25 سال) جي تحرير ڪجهه هن طرح آهي تہ مون عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي **اعتڪاف** جي سعادت حاصل ڪئي. مون کي اعتڪاف جون تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿيون. انهن مان رستي ۾ هلندي بازاري چوڪرن وانگر فلمي گانا ڳائڻ جي جيڪا عادت هئي، اها نڪري ويئي ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه! ان جي جڳهه تي نعت شريف جهونگارڻ جي عادت پئجي ويئي. گڏوگڏ **زبان جو قفلِ مدينه** لڳائڻ (يعني بُري تہ بُري پر غير ضروري ڳالهين کان بہ بچڻ) جو ذهن بڻيو ۽ هاڻي حال اهو آهي تہ جيئن ئي زبان مان فُضُول ڳالهه نڪرندي آهي، ڪڦاري جي طور تي يڪدم زبان تي درود شريف جاري ٿي ويندو آهي.

گیت گانے کی عادت نکل جائے گی دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
بے حیا بک بک کی خصلت بھی ٹل جائے گی دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

( وسائل بخشش ص642 )

## (14) ماڊرن نوجوان ترقي ڪندي ڪندي----

**بائيڪله** (بمبئي هند) ۾عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان رمضان المبارڪ (سن 1419ھ، 1998ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ هڪ ماڊرن نوجوان (جيڪو اليڪٽرانڪ انجنيئر آهي) شرڪت ڪئي. ڏهن ڏينهن تائين **عاشقانِ رسول** جي صحبت جو خوب فيض حاصل ڪيائون، مدني آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني ڏاڙهي مبارڪ جو نور چهري تي چانئجي ويو سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجاياؤن، اعتڪاف جي برڪتن ڪين سنّتن جو عظيم مبلغ بڻائي ڇڏيو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! هو دين جي خدمتن ۾ ترقي ڪندي ڪندي تادمِ تحرير هند مڪي ڪابينہ جي رڪن جي حيثيت سان سنّتن جون بهارون لٽائڻ ۾ مصروف آهي.

ساری فیشن کی مستی اُتر جائے گی — دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
زندگی سنّتوں سے نکھر جائے گی — دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائل بخشش ص642)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! — صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (15) مون نشو ڪرڻ ڪيئن ڇڏيو!

**حيدرآباد** (سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي. مان بي نمازي ۽ نشو ڪرڻ جو عادي هئس، گهر وارا منهنجي ڪري پريشان هئا. خوشقسمتيءَ سان عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي ٽن ڏينهن جي سنّتن ڀريي اجتماع (صحرائي مدينہ، ملتان) (1426ھ، 2005ع) ۾ حاضري جي سعادت حاصل ٿي وئي، اُتي نيّت ڪيم تہ **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ

**مدينه** (ڪراچي) ۾ **اعتڪاف** ڪندس پوءِ ڪراچي پهچي ڪري عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ رمضان المبارڪ (سن 1426هـ. 2005ع) جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيم. ٽن ڏينهن جي اجتماع (ملتان شريف) ۾ جيتوڻيڪ ڪافي ذهن بڻيو هو پر **اجتماعي اعتڪاف** جي تہ ڇا ڳالهہ آهي! سچ تہ چوان منهنجي دل جي دنيا ئي بدلجي ويئي. گناهن ڪان پڪي توبهہ ڪئي، **ڏاڙهي مبارڪ** وڌائڻ شروع ڪئي، هتوهت سبز **عمامو شريف** بہ سجائي ورتو، اعتڪاف ڪانپوءِ جڏهن حيدرآباد آيس تہ مونکي ڏاڙهي ۽ عمامي شريف ۾ ڏسي ڪري گهر وارا ۽ پاڙيسري وغيره سڀ حيران ٿي ويا! اَلْحَمْدُلِلّٰه! منهنجي نشي جي عادت بہ بلڪل ختم ٿي وئي. پنهنجي وس آهر **دعوتِ اسلاميءَ** جو ديني ڪم بہ ڪندو آهيان، منهنجي ڌيءُ **دعوتِ اسلامي** جي **جامعة المدينه** ۾ **شريعت ڪورس** ڪري رهي آهي، جڏهن تہ منهنجا ٻہ ٻار **مدرسة المدينه** ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪري رهيا آهن.

گر مدینے کا غم چشمِ نم چاہیے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مدنی آقا کی نظرِ کرم چاہیے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (16) هي اعتڪاف ڇا ٿيندو آهي!

**ڊيره الله يار** (بلوچستان، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، ”مون کي تہ نہ خوفِ خدا جي خبر هئي نہ عشقِ **مصطفٰی** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي. بس گناهن ڀري زندگي ۾ بد مست رهندي زندگيءَ جا ڏينهن گذاري رهيو هئس. الله پاڪ جا ڪروڙين احسان جو اسان جي شهر ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ**

**اسلاميءَ** جو ديني ڪم شروع ٿيو ۽ پهريون پيرو **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان (1416هه. 1995ع) شبِ براءَت جو سنّتن ڀريو اجتماع ٿيو، مون ان ۾ شرڪت ڪئي. اجتماع ۾ **عاشقانِ رسول** جي ڏاڙهي ۽ عمامي وارن نوراني چهرن ۽ سندن محبت ڀريل ملاقاتن مون کي **دعوتِ اسلامي** کان ڪافي متاثر ڪيو پر مان ڀري ئي ڀري رهيس. هفتيوار اجتماع ۾ بہ ڪڏهن شرڪت جي توفيق نہ ملي ايتري تائين جو رمضان المبارڪ (1416هه، 1995ع) جي **سٺاويهين رات** اچي وئي، مون اجتماع واري مسجد ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي دعا** ۾ حاضري ڏني، پُڇاڙيءَ تي اسلامي ڀائرن سان ملاقات ٿي ۽ ڪنهن ٻُڌايو تہ هتي ڪجھ اسلامي ڀائر اعتڪاف ۾ ويٺا آهن. منهنجي لاءِ اهو لفظ نئون هو، ان لاءِ مون جستجو مان پُڇيو تہ ”**هي اعتڪاف ڇا ٿيندو آهي؟**“اسلامي ڀائرن وڏي محبت سان مون کي **اعتڪاف** جي باري ۾ معلومات فراهم ڪندي ڪجھ اعتڪاف جون **مدني بهارون** بيان ڪيون. دعوتِ اسلاميءَ جي ديني ماحول ۾ ٿيندڙ **اعتڪاف** جو احوال ٻُڌي ڪري مون دل ۾ پڪي نِيَّت ڪري ڇڏي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه! ايندڙ سال اعتڪاف ۾ ضرور ويهندس. پوءِ ڏينهن گذرندا ويا ۽ جڏهن رمضان المبارڪ (1417هه، 1996ع) وري آيو تہ **آخري ڏهاڪي** ۾عاشقانِ رسول سان گڏ مان اعتڪاف ۾ ويهي ويس. ڏھ ڏينهن ۽ راتيون **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ اهو ڪجھ سکڻ لاءِ مليو جيڪو بيان کان ٻاهر آهي.

نہ پوچھو ہم کہاں پہنچے
اور ان آنکھوں نے کیا دیکھا
جہاں پہنچے وہاں پہنچے
جو دیکھا دل کے اندر ہے

**اعتڪاف** ۾ ڪنهن **درسِ نظامي** (عالم ڪورس) ڪرڻ جو ذهن ڏنو، منهنجي سمجھ ۾ اچي ويو، جيئن تہ ڪراچي اچي ڪري

**جامعة المدينه** ۾ داخلا ورتم، ايتري تائين جو دورهءِ حديث ڪانپوءِ **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه**(ڪراچي) ۾ (1425 ھ، 2004ء) ۾ منهنجي **دستار بندي** ڪئي وئي. هن وقت مان دعوتِ اسلامي جي هڪ **جامعة المدينه** (حيدرآباد) ۾ تدريس جون خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهيان.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! هڪ اهڙو ڇوڪرو جنهن کي ڪلهه تائين اها به خبر نه هئي ته **اعتڪاف ڇا ٿيندو آهي**! اهو اڄ **عاشقانِ رسول** سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي برڪت سان نه رڳو عالم بلڪ "عالم گر" بڻجي ويو يعني عالم بڻجڻ ڪانپوءِ **دعوتِ اسلامي** جي **جامعة المدينه** ۾ مُدرس جي حيثيت سان **درسِ نظامي** جا سبق پڙهائي ڪري، ٻين کي عالم بڻائڻ وارو بڻجي ويو.

سنتیں سیکھ لو رحمتیں لوٹ لو | دینی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
دین کے علم کی برکتیں لوٹ لو | دینی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

(وسائل بخشش ص642)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (17) مان چوريون به ڪندو هيس

ڪراچيءَ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته ڪهڙي گناهه جو تذڪرو ڪريان! مَعاذَالله نمازن ۾ سُستي، وڊيو گيمز جو شوق، ٽي وي تي روزانو اُبتا سُبتا پروگرام ڏسڻ، ڪوڙ جي عادت ايتري تائين جو مان چوريون به ڪندو هئس. خوشقسمتيءَ سان رمضان المبارڪ (سن 1421ھ، 2000ع) ۾ **جامع مسجد آمنه** (شڪيل گارڊن اوڪائي ڪمپليڪس، ڪراچي) ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي عاشقانِ رسول سان

ڳڌ مون کي **اجتماعي اعتڪاف** جي سعادت ملي وئي، مون آمنه مسجد جي ٻي منزل تي **دعوتِ اسلامي** جي قائم ڪيل مدرسة المدينه ۾ داخلا ورتي. اَلحَمدُ لِلّٰه! عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪندو رهيس ۽ اَلحَمدُ لِلّٰه! منهنجي ڪوشش سان اسان جي گهر ۾ به **ديني ماحول** ٺهجي ويو، آءُ گهر جي اندر **مڪتبة المدينه** جي طرف کان جاري ڪيل سنّتن ڀريئي بيانات جون ڪيسيٽون هلائيندو آهيان. اَلحَمدُ لِلّٰه! قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ کانپوءِ تادمِ تحرير جامعة المدينه ۾ **درسِ نظامي** ڪري رهيو آهيان، **مدرسة المدينه** ۾ تدريس جي به ترڪيب آهي ۽ پنهنجي **ذيلي مشاورت** جي نگران جي ماتحت رهي ڪري عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي ديني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي به ڪوشش ڪري رهيو آهيان .

تم گناہوں سے اپنے جو بیزار ہو — دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
تم پہ فضلِ خدا، لُطفِ سرکار ہو — دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
(وسائل بخشش ص642)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد